سنت ڪنور رام جو جيون چرتر

رامچند-ڏي- گلراجاڻي

پيراماونٽ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد

”ماتا پتا جي ياد ۾“

دادا پورومل چنديرام جو لکيل سنت کندا رام صاحب جو جيون چرتر پراڻي ڪتاب گهر مان هٿ ڪري توهان سڄڻ کي سوکڙي طور پيش ڪجي ٿو. اسان جي هي ننڍڙي ڪوشش تڏهن ڪامياب ٿيندي جڏهن توهان هن کي پڙهندا.

مهرباني

شيروا ۾
رامچند
حيدرآباد
ڏهرڪي
15-05-2010

سنت ڪنور رام صاحب جو جيون چرتر



ليکڪ: پورو مل چنديرام

قيمت ۴ آنا

خون جي اڳئين ڏينهن تي مانجهدن ۾ ڪڍيل فوٽا





ڀڳت ڪنور رام صاحب جو آخرين درشن.

(ڪاٺيءَ تي نڪتل فوٽو)



جن جو اگني سنسڪار رهڙڪي جي ساڌ بيلي ۾ ڪيو ويو جو پاڻ: ٺهرايو هوائون.

مهاڳ

سنڌ جي لاثاني درويش ڀڳت ڪنور رام جي خون جو ٻڌي ڪنهن جي دل کي نه ڌڌڪو آيو هوندو. هن جي هن غير قدرتي موت ڪري سنڌ جي هر ڪنهن پرش خواهه استري هڪواري سرد آهه ضرور ڀري هوندي. اهڙي لاڪيٽي لعل جي يادگيري ۾ مون هن جي جيون جو ٿوري ۾ اختصار ۽ اُن سان گڏ هن جي اعليٰ جيوت جا ڪي مکيه واقع ڪنا ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جو ڪم ﭘاڻ تي هموار ڪيو ان اميد سان ته سنڌواسي هن جي پريم ۽ ايڪتا جو پيغام ﭘنهنجي جيون ۾ ڌاري سنڌ ديش کي نفاق جي باه کان بچائين. شل هن جي شهادت اسان جي دلين مان غير ڪڍي اسان کي اُن ايڪتا جي اوچائي تي وٺي هلي جنهن ايڪتا جو آواز سنڌ جي درويشن ۽ صوفين جي ٻاڻي مان ملي ٿو جن جو ڪلام ٻڌائيندي صوفي سنت ڪنور رام ﭘاڻ به بي خود ٿي ويندو هو ۽ ٻين کي به بي خود ڪندو هو!

شيوا ۾

ﭘورو مل چنديرام

ارپيان ڏو:

گھٽي پريم ۽ شرڌا سان سنڌ جي هڪ ٻئي درويش ڊاڪٽر روچلداس صاحب روھڙي واري کي جنهن بہ ڀڳت ڪنوررام سان گھڻو وقت حياتيءَ ۾ گذاريو هو ۽ روھڙي ڊويزن ۾ دکي انسان ذات جي خدمت ۾ سڄي حياتي صرف ڪئي آهي.

ڀورو مل چند ڀرام

جيون ڪهاڻي.

سنڌ فقيرن ۽ درويشن جو ديس آهي، جن جي ٻاڻي هن سنڌ جي بيابان کي سر سبز ڪري رکيو آهي. ڀڳت سروميڻي ڪنوررام ٻه اهڙن درويشن مان هو ۽ هن پنهنجي مڌر آلاپ سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهو صوفين سنتن جو سنديش پکيڙيو. هو هڪ پورن، سادي ۽ پريم واري عملي جيون رهيو جنهنڪري هن ٻاڻيءَ هر فرقي ۾ پيار ڪيو هو. اُدار دل هو. ڀڳتين مان جيڪي مليس سو پنهنجي ٻلي ڪوڏي ٻه نه ڪم آنداءِ پر ٻين دکين بکين جي پرگهور لڌائين. هزارين غريبن کي منجهانئس فيض رسيو ۽ لکها رپيا سندس هٿن مان لنگهيا. چاهي ها ته بادشاهي نموني ۾ رهي سگهي ها پر هن ۾ لوڀ نه هوئي ڪوڙ. هو جيئرو رهيو ٻين جي خاطر. تنهن ڪري دردر نارائڻ جي شيوا ۾ ئي هن حياتي جو لطف حاصل ڪيو.

وِيچار، ڪرم ۽ واڻي سان هن ڪنهن به لني اِشر کي

ڏکويو نه. ڌڻي جي سڀ مخلوقات کي هڪ ئي نظر
سان بنا ذات پات ۽ ڌرم جي ڀيد جي سيني جي
خدمت ڪندو رهيو. لاشڪ اهي سڀ گڻ مهاتمائن
۽ درويشن جائي چئبا. اهوئي سبب آهي جو هن جي
خون تيئڻ تي اڄ گهر گهر ۾ هن جي واڪي وات آهي
۽ هرڪو انهن چئي رهيو آهي ته ڪنور سنڌ ۾ هڪ
ئي ٿيو ۽ ٿيندو. اهڙي درويش جي زندگي ۾
وچتر هئي.

اوائلي جيوت

ڀڳت سرومڻي ڀائي ڪنور رام جو جنم ميرپور
ماٿيلي سٽيشن کان ۸ ميل پري جروارن جي ننڍي
ڳوٺ ۾ سنت ۱۹۴۲ برابر سنه۱۸۸۵ ۾ ٿيو. ڳالهه ڪندا
آهن ته ڀڳت صاحب جي پتا ڀائي تارارام کي اولاد
ڪونه ٿيندو هو. هن ڪيترا پير فقير پيٽيا. آخر سنت
سوامي سترام داس صاحب جي آشيرواد سان ڪيس
اولاد ٿيو ۽ ڀهريون پٽ ڀڳت ڪنور رام صاحب پئدا
ٿيس. ٻالڪ اوستا ۾ ڀائي ڪنور رام صاحب جن جو
سرير ڪمزور هو. اُن وقت سندن پتا کين سنت
سترامداس وٽ آشيرواد لاءِ وٺي ويا ۽ انهن جي
آشيرواد جي پرتاپ ڪري ئي ڀڳت صاحب جو نالو
گهر گهر ۾ ڳائجي رهيو آهي. ڀائي ڪنور رام جا وڏا
دڪانداري ڪندا هوا. هو هاٿ چاٽ ۾ باڪل سادا

هوا. اُنهن جي سادگي جو اثر ڀڳت صاحب جن تي
به تيو جنهنڪري هو ننڍي ڪان ئي سادگي کي پسند
ڪندا رهيا. ست سنگ ڏانهن خاص لاڙو هون. ٻالپڻ
۾ ئي سندن پتا کين هڪ گوسائين کي سونپي
ڇڏيو. ڪجهه سالن بعد ٣٠٠ روپيه پيٽا ڏيئي سندن
پتا ياڻي تارا رام پنهنجي پٽ جي ٻانهن واپس ورتي.
ٻالڪ جو مڌر آواز ٻڌي سندن پتا کين حيات پِطافي
جي ٽڪاڻي ۾ کين ڳائڻ ودياَ واسطي موڪليو ان بعد
کين رهڙڪي جي درويش سوامي سترامداس وٽ
موڪليو ويو جنهن کين چڱو رڱي ڇڏيو. سندن نرمل
جوت ۽ سادي رهت مان سيڻي ئي سمجهو ته هو
ڪنهن وڏي جوتيءَ جو صاحب تيندو. سندن مڌي
ڪان ئي پورن ويساه هو ته سچي قرب جي قطري
ڪالسواءِ ۽ سر ڏيڻ ڪانسواءِ ڪڏهن به اٽانگي رستي
تي هلڻ ڪٺن آهي.

اهڙي ريت ڀڳت صاحب پنهنجي ست گورو جي
شيوا ڪندا رهيا. سندن مڌر آواز سبب هو پنهنجي
ستگورو سان ڀڳت وڄهندا هئا. سندن سچو صدق
ڏسي ستگورن به سڪ وچان کين اهڙي جوتي ڏني
جو سندن جيئري ئي ڀڳت صاحب جو تيڄ پيڄ جي
چندرمان وانگر وڌندو رهيو. منگهر سنبت ١٩٦٢ ۾
ڀڳت صاحب جن سنساري مرياداا موجب گرهست
آشرم اختيار ڪيو ۽ ستگورن جي اپديش سان به ستسنگ

۾ پريم ڀوروڪ رهندا آيا ۽ ڪنول گل جيان سنسار ۾ نرليپ ٿي رهيا.

هن دنيا ۾ ڀڳت صاحب جي ستگورو ڀائي سترامداس صاحب جن پوهه سنبت ۱۹۶۶ ۾ هن ناسوانت سرير کي تياڳي پنهنجي سروپ ۾ لين ٿيا. ڀڳت صاحب پنهنجي ستگورو جي وڇوڙي ڪري اداس رهڻ لڳا. هڪ سچي سک لاءِ ست گورو ائين آهي جئن مڇليءَ لاءِ پاڻي، چڪور لاءِ چندرمان ۽ پروانه لاءِ شمع.

وچن تي پورو ۽ نرموهي

سندن وچن جي پالنا سيني لاءِ مثال آهي. هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته ڀڳت صاحب گهوٽڪيءَ ڀڳت پاڻڻ لاءِ ويٺا هئا. انهيءَ ٽاڻي سندن وڏي نياڻي سخت بيمار هئي. ڪهڙو گرهستي آدمي هوندو جو هن ويلي گهر ڇڏي ٻاهر ويندو، پر ڀڳت صاحب دنيوي موهه کي ڦٽو ڪري وچن جي پالنا ڪرڻ لاءِ اتي ويا ۽ سچي ڀڳت جي موج لڳايائون. رات جو جيتوڻيڪ کين سخت بيماريءَ جي تار آئي: ته به ڀڳت صاحب جن جو من رتيءَ ماتر به نه لڏيو. پنهنجي سچي ڌن ۾ لڳا رهيا. اتي ته سچي پچي نرموهي راجا جي مورتي هوا. صبح جو ڪنيا جي پرلوڪ پڌارڻ جي تار آئي ته به پريم ۽ ڀڄن ۾ ڀرپور ۽ اچل رهيا!

ڀائي سترامداس صاحب جي ديهانت ڪانپوءِ سارو

ٻار ڀڳت ڪنوررام جي ڪلهي تي پيو. رهڙڪي ۾ پنهنجي ستگورن جي سماڌي جوڙايائون. پوءِ اڪيلي سر ڀڳتين جو سلسلو جاري رکيائون. سنڌ ۽ ان کان ٻاهر بلوچستان ۽ ڏيري نواب رياست بهاولپور تائين سنڌ ن ساراهه جو ڏاڪو ڄمي ويو. سنڌن ڳلي ۾ اهڙو تاثير هو جو جتي به سنڌن ڀڳت هوندي هئي اتي هزارها آدمي سنڌن آلاپ ٻڌڻ لاءِ ڪتان ڪتان کهي ايندا هوا. دکي انسان ذات کي پنهنجي مڌر آلاپ سان هو ڪجهه وقت تہ آنند ۽ موج مستيءَ ۾ روئي ويندا هوا. اُسائيل سنسار جي اها اڃ مٽائڻ لاءِ ڏٺيءَ ڪيس اهڙي ذات ڏني آهي.

ڀڳتيءَ ڪتائن جي رسني هي سنت هرجاءِ "هري نام" جو جاپ ڪرائيندا رهيا ۽ ماڻهن جي دلين جي اندر ايشوري پريم قوڪيندا رهيا. ڀڳت پائڻ لاءِ پئسي جي طلب ڪونہ ڪندا هوا. (سنڌن ست گورو بہ پئسو ڏوڪڙ ڪونہ وٺندا هئا). جيڪو ڪوئي ڪاٻہ پيٽا رکندو هون، سا غريبن، بکين ۽ گهرجائن کي ورهائي ڏيندا هوا. ڪئين غريب سنڌن پوئتان هوندا هوا جن سڀني جو پارائو ڀڳت صاحب پريم سهت ڪندا هوا. الهي ۾ ذات، پات جو ڀيد اصل ڪونہ رکندا هوا. هندو، مسلمان، ڀت، ڍيڍ يا چمار سڀ جيو سنڌس در تان ورسجي ويندا هوا. ڀڳت صاحب راجا ڪرن وانگر فراخدلي سان دان ڪندا هوا.

ڀڳتين مان ٻچپل وقت ڀڳت صاحب جو وارن ۾ پنهنجي پيءُ ياني جاڙارام سان گڏ معمولي سودي جو دڪان ڪيلدا هوا. ڪڏهن ڪڏهن لنڊيا مٺاڻا به ڪٽندا هوا. جن مان سڄي ڪٽنب جو گذران ڪندا هوا. هن درويش جون گهرجون تمام معمولي هيون. پوشاڪ اصل ڪان ئي سادي هون. فقط سادي جوڙي جي ڌوتي، هڪ ڪڙتو ۽ مٿي ۾ پڳڙي! سندن ڳوڻاٺن واري پوتر رهڻي بي مثل آهي. هولدي ٻل هو لبل هوا. ٻاڻ پورا هريءَ جا ڀڳت هوا ۽ سندن اپديش به هري ڀڳتيءَ جو هولدو هو. هميشهه ڪنڌ جهڪو، نماڻي مورت!

ڀڳت صاحب جي نمرتا به اعليٰ درجي جي هئي. ڪو به ڪين پيري پولدو هو ته پاڻ ان ڪان اڳ نمي پوندا هوا. سندن چهرو ڪڏهن به ڪوماڻل نه هولدو هو. سداءِ ٽڙلدا رهندا هوا.

پنچاتين ۾ ايڪتا

ڀڳت صاحب جن بيدار مغز هوا. پنچاتي ڪمن ۾ تکو بهرو وٺندا هوا ۽ ڪيترن ڳوٺن جي پنچاتين مان ڦوٽ ۽ نفاق لري ڪڍيائون.

سندن هري ڀڳتي ڪري ڪيترا عملدار ۽ سيٺيون ۽ ٻيا ڪيترا سندن شش ٿيا. سناتني آريه ۽ ديو سماجي سڀ ڪين عزت سان ڏسندا هوا، ۽ سڀ سنستائون ڪائون دان هٿ ڪنديون هيون. هو ڌرم

جي پيد پاءِ ڪان متي هوا ۽ سيني ڌرمن ۾ مالڪ جي جوت پسند هوا.

هن اڌيتن جي آڌار جي پوتر ۽ اڪت گودڙي مان انيڪ اپڪار جا ڪارج ٿيندا هوا. غريب، نياڻين جي ڪارج لاءِ مدد ونيو ويندا هوا. رهڙڪيءَ ۾ هاڻي هڪڙو مسافرخانو ٺهرايو هوائون جتي ڪئين مسافر آسائش ٿا وٺن. رهڙڪي لوڙي جروارن ۾ لنگر ڪليل آهي جتي ذات پات جي ڀيد ن ڪان سواءِ پدباري مان سيڪو پرساد پائي وڃي. جروارن ۾ شاهي سڙڪ لي هڪ ڌرم شالا اچايلن ۽ رستي جي لانگهائن لاءِ ٺهيل آهي. پڇاڙي وقت رهڙڪي ۾ شمسان پومي ٺهرائي هوائون جنهن ۾ ڀهرين سندن ئي ارٿي جو سنسڪار ٿيو.

ڀڳت صاحب جو مشهور سنت وسڻ رام صاحب جي سپالر پت پائي امرورامجن سان گهڻو پريم هو. نوشهره جي مشهور درويش پائي منگهررام صاحب سان ٻه گهڻو رستو هون. سنت وسڻرام جي ورسي تي هو سال بسال ويندا هتا. مطلب ته هرڪنهن سنت سان ٺهنائي جي وات هئن. ڀڳت جن ڀهرين ڌرمپتني جي چالاڻي بعد ٻي شادي ڪئي هئي ۽ پڇاڙي وقت هڪ پت پيسورام ۽ ٽي نياڻيون ڇڏ پائون.

ڀڳت صاحب جي مدر گالي ڪي گهر گهر ۾ ڦهلائڻ لاءِ ميشرس لعلچند ۽ ڪمپني فوني وارن سندن مرڻ

کان ٣ سال اڳ سندن سکر ۾ رڪارڊن جي خاص مشين گهرائي رڪارڊ ڀرايا. ڀڳت صاحب جن رڪارڊن ڀرائڻ کان پهرين انڪار ڪيو پر پوءِ روهڙيءَ جي ڀائي امرورام (ڀائي وسڻ رام جي پٽ) جي چوڻ تي هنن رڪارڊ ڀرايا. رڪارڊن ڀرائڻ لاءِ هن ڪمپني کان پائي به نه ورتي. سندن رڪارڊن جو ڪاپوءِ ٻين سيني کان زور ٿيو ۽ سنڌ جي هر ڪنهن هندو ۽ مسلمان جي گهر ۾ وڄڻ لڳا. ١٩٣٧ ۾ ڪين سکر ۾ گورنر جي دربار وقت هندو مسلم ايڪتا جو حامي هئڻ ڪري لونگي ڏني وئي.

ڀڳت صاحب جن سال به سال ڏياري جي ڏينهن ۾ روهڙي جي سنت ڀائي وسڻ رام صاحب جي ورسي تي هڪ هفتو ڀڳت وجهڻ ويندا هوا. ازانسواءِ مانجهندن ۾ ڀائي گوبند داس صاحب جن جي ميلي تي ۽ گهوٽڪي ۾ چيتي چنڊ جي مياي تي ڀڳت پاءِ ڪندا هوا. پڇاڙي وقت به مانجهندن جي ميلي تان موٽي روهڙيءَ ۾ ڀائي وسڻرام جي ورسي تي وڃي رهيا هوا ته رستي ۾ رڪ ڀرسان سندن خون ٿيو.

ڀڳت صاحب جي خون کان ٤ يا ٥ مهينا اڳ سکر ۾ ڀرچونڊيءَ جي پير جي پٽ تي سکر ۾ ڪن هندن مارڪٽ ڪئي هئي. ان تي پير جي مريدن چيو هو ته اسين هندن جي سنت ڀائي ڪنوررام جو خون ڪنداسين. اهڙي پڌرائي تي سڄي ڊويزن ۾ واويلا مچي وئي. اختياري وارن وٽ ماڻهن وڃي پڪاريو جن هڪدم

پوليس پڳت صاحب جي گهوٽ ڏانهن سندس بچاءَ لاءِ موڪلي. پڳت صاحب جي نالي ۾ هڪ بندوق جو ليسن به ڪڍيو ويو. ان بعد ڪجهه ڏينهن سالت هئي ته به ڌاڪا بندوقن سان هميشه پڳت صاحب جن سان جتي ڪٿي گڏ ويندا هوا. ان هوندي به ١ نومبر ١٩٣٩ اوچتو هلندڙ گاڏي ۾ رڪ سٽيشن تي سندن خون ٿي ويو. سندن خون جو سارو ورتابت هيريت اخبارن ۾ آيو:-

پڇاڙي

پڳت ڪنور رام ڀهرين نومبر ١٩٣٩ جي شام جو پنجين بجي واري گاڏيءَ ۾ دادوڪان چڙهيو. پڳت صاحب سان اٽڪل سٺ ڪن ماڻهو پيا به هوا ۽ تنهنڪالسواءِ به پنهنجا آدمي بندوقن سوڌا به هئا. رڪ اسٽيشن تي هڪ ريلوي جي بابوءَ پڳت صاحب کي ڪجهه گاڏي جو سامان اڳيان پيتا رکيو. اهو گاڏي وارو سامان پڳت صاحب پنهنجي هڪ آدميءَ کي ڏنو ۽ چيائين ته تون هي پرساد سڀ کي ورهائي ڏي. پڳت صاحب پنهنجي آدميءَ کان پڇو ته گاڏي جو سامان يعني پرساد سيني کي ڏنو. جنهن تي سندس ساٿيءَ پڳت صاحب کي چيو ته سائين اڃا هڪ مائيءَ کي پرساد ڪونه مليو آهي ۽ هوءَ ٻي گاڏي ۾ ويٺي آهي. پڳت صاحب چيو ته وڃ مائيءَ کي به ڏيئي اچ. ائين ڪندي ٢ شيطان خوني بندوقن سان آيا. هڪ خونيءَ کي بندوق ويڙهيل هئي ۽ ٻئي خونيءَ کي ڪليل بندوق هٿ ۾

هئي. اُنهيءَ مهل پڳت صاحب گاڏي جي دروازي جي منهن وٽ بيٺو هو. انهن خونين پڳت صاحب کي هٿ جوڙيا ۽ پڳت صاحب بہ ڪالئن هٿ جوڙي موڪلايو. ڪين بہ انگور ۽ پيڙا کائڻ لاءِ ڏنائون. گاڏي هلڻ جو وقت ٿيو. ٻئي خوني هليا ويا ۽ پڳت صاحب بہ گاڏيءَ جي بينچ تي پنهنجن سائين سان گڏ وڃي ويٺو. ائين ڪندي ٻئي خوني گاڏيءَ جي پي پاسي ڦري آيا. گاڏي بہ آهستي آهستي هلڻ لڳي. انهي وچہ شيطانن پڳت صاحب کي پويان ڪنڌ ۾ بندوق هنيون. گولي پڳت صاحب جي ڪنڌ مان آرپار لڪري وڃي پڳت صاحب جي ساٿيءَ ڀائي سيتلداس کي ڪپيءَ ٻانهن ۾ لڳي. پڳت صاحب انهيءَ مهل بيهوش ٿي ڪري پيو. تنهن کان پوءِ منو ڪلاڪ جيترو هو پوءِ پرلوڪ پڌاريو. زنجير ڇڪي گاڏي بهاري ويئي. پڳت صاحب جي هڪ آدميءَ خونين تي فائر ڪئي جا هنن کي نہ لڳي. خوني جهنگ ڏانهن ڀڄي ويا. پوليس کي خبر پوڻ تي آئي. تنهنکانپوءِ گاڏي هلي. ريلوي وارن سکر جي اسٽيشن تي تار رستي خبر پهچائي. اسٽيشن تي سڀ بندوبست رکيو ويو هو. جڏهين گاڏي سکر اسٽيشن تي پهتي تڏهين سوين آدمي ريلوي جاءِ بيا پڳت صاحب جو درشن ڪرڻ لاءِ آيا هئا. پڳت صاحب کي ريل مان ڏوليءَ تي کڻائي مٿي ٽڪر تي گوبند بخش ڪمپائونڊ ۾ آندو ويو. ٿوري وقت اندر سڄي سکر جي چوطرف اها دکدائڪ خبر بجلي وانگر

پڪڙجي وئي ۽ سڄي شهر ۾ واءِ ويلا مچي ويئي. هزارين آدمي پگٽ صاحب جي درشن لاءِ اچي ڪٺا ٿيا تنهن ڪانسواءِ ڪيتريون زالون به انهيءَ محل درشن واسطي آيل هيون. ٿوري وقت ڪانپوءِ پگٽ صاحب کي وڏي اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم واسطي ڪڻائي ويا. هزارين آدمي ۽ پوليس عملدار پگٽ صاحب جي ارٿيءَ سان وڏيءَ اسپتال ۾ گڏ هليا. پوسٽ مارٽم جو ٽائيم ڦيرائي وري صبوح جو رکيو ويو. سندس ساٿي جي انهيءَ محل ملم پٽي ڪري بندوق جون گوليون ڪڍيون ويون تنهنڪانپوءِ سڀ آدمي شهر جا گهر روانا ٿيا. پگٽ صاحب جو عملو اتي اسپتال ۾ رهيو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو هزارن جي تعداد ۾ آدمي اسپتال ۾ پهتا. پگٽ صاحب کي پوسٽ مارٽم نه ڪيو ويو. پر ايڪسري ڪيو ويو. پوءِ ڪاٺي ٿاهي سرگس ۾ ڪڍيئين وئي. سرگس سان گڏ سڀ پوليس عملدار ۽ پوليس وارا هٿا تنهنڪانسواءِ سرگس سان گڏ شهر جون منڊليون ماتمي گانا چولديون ٿي هليون. سرگس اٽڪل اڌ ڪوهه ڪن ڪارن جهنڊن ۽ متن اگهاڙن سان هئي. اٽڪل ٻيهه هزار کن آدمي سرگس سان شامل هوا. سڄي شهر جون جايون ۽ ڪوٺا زالن ۽ مردن سان پريا پيا هوا. سينيءَ نر ۽ نارين ڪوٺن تان پگٽ صاحب کي گل ٿي وڌا. ڪن آدمين پگٽ صاحب جي متان پٽ جا رومال چاڙهيا. شهر ۾ رودن لڳا پيا هوا. هر هڪ نر ۽ ناري ڳوڙها ٿي ڳاريا. ڪيترو آدم پسگردائي کان به چڱي انداز

۾ آيل هو. آخر سرگس سڪر مان قري روهڙي ڏي رواني ٿي. روهڙي کان گهمائي پوء ارتي ڪي لاري رستي ٻوٽ ڪٽائي ويا. پگت صاحب جا ساٿي ٻه لارين ۾ چڙهي ويا. ٻوٽ مان قيرائي رهڙڪي ۾ سنسڪار ڪيو ويو ۽ لاش کي چندن جي ڪانين ۾ ساڙيو ويو. آخرين سنسڪار وقت ۵ هزار کن ماڻهو حاضر هوا جن مان ڪيترا ٻاهرين ڳوٺن مان پري پري کان آيل هوا. شمسان ڀومي ڪارڻ جهنڊن سان سينگاري ويئي ... ٻئي ڏينهن ٻه ۲۰ هزار ماڻهو آيا هوا ۽ اُن وقت ٻه ڪيترا ماڻهو زار زار روئي رهيا هوا جن ۾ اهي مسلمان ٻه هوا جن کي هن وڏان مدد ملندي ... . پگڙيون روهڙي ۾ وري جدا ڪيون ويئون هيون جو روهڙي نواسي پگت صاحب جن کي پنهنجو ئي ڪري سمجهندا هوا.

خون کان اڳ جون ڪي دلچسپ حقيقتون :-

۱- پگت صاحب جن جڏهن پهاڙيءَ جو مانجهند ۾ پگت ڪري رهيا هوا تڏهن اتي پگت ۾ ڏاڍو گوڙ هو اتي ماڻهن کي چيائين تہ بابا شانتي ڪري ٻڌو، هي اسانجو پهاڙيءَ جو ميلو آهي!

۲- مانجهندن ۾ جڏهن پگت ڪري رهيا هوا تڏهن ڪين پيشاب جو خيال ٿيو ۽ پائي سينلرام جو سندن چيلو هو ان کي ٻاهر ڪڍي ويا ۽ ڪيس چيائون تہ سيل اسانجو داڻو پاڻي اڃي پورو ٿيو آهي ۽ هيمنر

کوٺ تي رهي آهي، تڏهن پائي سينٽل کين چيو ته سائين ائين ته نه ڇڏو مگر تڏهن به چيائون ته ابا سائينجن اسان کي سنياري ۾ سڏي رهيا آهن.

۳- مانجهندن ۾ جڏهن پهاڙيءَ جو پوڄن تي ورتاياٿون تڏهين هڪ گرهه سندن هٿ مان هيٺ ڪري پيو. ان تي پگت صاحب چيو ته اسان جو هن دنيا ۾ هاڻ داڻو پاڻي پورو ٿيو. ائين چئي اٿي وڃي رسوئي ڪاڻ ڪاڏائون.

۴- مانجهندن ۾ پگت بند ڪرڻ کان اڳ پهاڙيءَ جو مارو راڳ موڪلاڻي جو جڏهن چيو اٿن ۽ موڪلايو اٿن تڏهن ماڻهو زار زار روئي رهيا هوا.

۵- مانجهندن کان مونڊي هڪ ڳوٺ ۾ بالڪ کي جڻيو پاتو اٿن تڏهن به اتي مارو جو راڳ چيو اٿن جيتوڻيڪ جڻيو ۽ شادي هندن جا خوشي جا موقعا آهن ۽ اهڙيءَ موقعه تي خوشي جو راڳ چئبو آهي.

۶- دادو کان جڏهن ۲ خبيث خون ڪرڻ جي ارادي سان نظر آين تڏهن وري به پنهنجي سنگتين ۽ چيلن کي چيائون ته هڪڙا به دوست بندوقن سان چڙهيل آهن.

۷- پگت صاحب ڪڏهن به گاڏي ۾ راڳ نه ڪندا هوا مگر هن پيري ساري وات مارو راڳ ڪندا آيا ۽ لوڪن کي آگاهه ڪندا آيا مگر لوڪن انوقت کين نه سڃاتو ۽ نه سمجهيو.

۸- رڪ استيشن تي جڏهن اهي دشت اندر آيا اٿن تڏهن ڪاٺي نالو ۽ نڪاڻو پڇيو اٿن جنهن تي ڪين

نالو ۽ نڪاٽو بڌائي انهن کي پرشاد ڏنو اٿن جو هنن ڪاڏو آهي ۽ ڪائي ڪم ختم ڪيو اٿن.

۹- پاڻ گاڏي ۾ هميشهه اڳئين تختي تي وهندا هوا مگر رڪ ۾ پاڻ پوئين تختي تي نهي ويناهون ۽ هميشهه گاڏي جون دريون بند ڪري وهندا هوا مگر رڪ اسٽيشن تي پاڻ دري کولي ٻاهر دريءَ تي رکي تيار تي وينا ۽ ۲ بندوقن وارا جي ساڻن ڪنا هوا تن کان پاڻ بندوقون رکائي ڇڏيائون چاڪاڻ ته ڪين سموري خبر هئي.

ڏياري بند

پگت صاحب جي خون تي ساري سنڌ ۾ ماتم مچي ويو. سنڌ جي هر ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هڙتالون ڪيون ويئون. اهو ڳوٺ ڪونه هو جنهن ۾ هڙتال نه ٿي. ڪن هنڌ پاٽ رکايا ويا، ڪن هنڌ ماڻهن ورت رکيا ۽ ڪن هنڌ متا ڪوڙايائون. مطلب ته هر ڪو ائين محسوس ڪرڻ لڳو ته گويا سنڌ ن گهر جو پاتي گذريو آهي. اهڙو ماتم ٻئي ڪنهن به مهاتما جي مرتيو تي سنڌ ۾ نه ٿيو هوندو. هر ڪنهن ڳوٺ جي پنچاٽ شوڪ جا ٺهراءَ پاس ڪيا. ڪيترن مسلمانن به هن جي مرتيو تي ماتم ڪيو ۽ ڪيترن هنڌ شوڪ جا ٺهراو پاس ڪيائون. هندو مسلم بزرگن سندن يادگيري ۾ شرڌا جا قول چاڙهيا. سنڌ جي هندن هن مهاتما جي مرتيو تي ماتم جي خيال کان ڏياري جو اتسو نه ملهايو.

ڪي چونڊ واقع

هڪ دفع جي ڳالهه آهي ته ڀڳت پائيندي ڪنهن پينو فقير اچي صدا ڪئي ته مون کي انگن ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو ڏيو. ڀڳت صاحب جن ته سخاوت سان ڀرپور هئا سو فقير کي ڪپڙو ڏنائون. تنهن تي ڪنهن ماڻهو اتي عرض ڪيو ته سائين توهان اهڙن ڏنڊن کي مفت مال ڏئي ڪاري ڇڏيو آهي. تنهن تي ڀڳت صاحب وراڻي ڏني ته سائين، منهنجي ڪنڌ تي اچي تو وهي "الله" ۽ حڪم تو ڏئي سو ان جي امر کي ڪير آڏو ٿري!

سکر جي هڪ معزز احراري اڳوان ڊاڪٽر محمد عمر ڳالهه ڪئي ته هڪ دفع روهڙي اسٽيشن تي ٻن مسلمانن کي بنا ٽڪيٽ مسافري ڪرڻ جي ڏوهه ۾ پوليس جي حوالي تي ڪيو ويو ته ڀائي ڪنور رام جنهن کي مون ان کان اڳ ڏٺو ئي ڪونه هو تنهن ٠-٦-١١ روپيه انهن ٻن مسلمانن جو ڏنڊ ڀري ڪين آزاد ڪرايو! بس، منهنجو ڪنڌ ان وقت از خود ڀڳت صاحب اڳيان نمي ويو.

مسٽر جيٺمل پرسرام عام ميڙ ۾ تقرير ڪندي ٻڌايو ته ڀڳت ڪنوررام اهڙو ته ست پرش هو جو هڪ دفع ڌاڙيل سندس ڳوٺ ۾ ڌاڙو هڻڻ آيا تڏهن هن اُنهن کي ڪارائي ڪافيون ٻڌائي اهڙو خوش ڪيو جو هو بنا ڌاڙي هڻڻ جي موٽي هليا ويا.

هڪ دفع سفر ڪندي شهر ۾ ڪن واڳهرين ڀڳت صاحب کي پنهنجي جهوپڙين ۾ ڪوٺ ڏني. ڀڳت سندن پريم ڏسي اُنهن جي جهوپڙين ۾ ويچي ڪين ڪافيون وغيره ٻڌائي خوش ڪيو ۽ ڪجهو وقت اُتي موج لڳايائون. اهڙي منجهن نمرتا ۽ قرب هو.

رهڙڪي جي شمشان ڀومي ۾ ستگرن ۽ ٻين سنتن جون ڏيوريون، آسائش لاءِ جاءِ ۽ کوهه ڀڳت صاحب ٺهرايا هوا. اُتي ڪي سلوڪ لکڻ جو ڪم ڀڳت صاحب پنهنجي هٿن سان ڪيو هو. ڪي طرح معلوم ٿيو آهي ته جڏهين ڀڳت صاحب کي سلوڪ لکندي قلم اڳيان ڪٿلي اچي ويندي هئي ته قلم ڪٽي بند ڪندا هوا ۽ جڏهين ڪٿلي پنهنجي مرضيءَ تي جاءِ ڇڏي ويندي هئي تڏهين وري لکڻ شروع ڪندا هوا. رهڙڪي ۾ گردربار کي ٻڌڻ جي ڪڏ آهي. هڪڙي دفع تازو مکي سيتلداس هڪ مسلمان کي ڪڏ مان ٻيهه چوري ڪندو ڏٺو. مکي صاحب ڪان چور ته ڀڄي ويو پر چور جي ڪوڏر ۽ ٻيهه ضبط ڪري اچي ڀڳت صاحب جي حوالي ڪيائين. شام جو چور ڪوڏر لاءِ ڀڳت صاحب وٽ آيو. ڀڳت صاحب ڪهڙو نه عجيب فيصلو ڪيو! چور کي ڪوڏر واپس ڏني ويئي. ڪيس سندس چورايل ٻيهه به ڏنا ويا. نه فقط ايترو پر ڪيس انگور به سير ڪن پرشاد طور ڀڳت صاحب ڏنو. اهڙا هوا ڀڳت صاحب جن ديا جا ڀندار.

ڪي ڇڏاءِ. فقير ميرصاحب وٽ ويا ۽ مير قيدي ڪي آزاد ڪيو پر فقير ڪي چيائين ته اڄتي اهڙا سوال مهرباني ڪري نه ڪجو جو ائين حڪومت جو چرخو هلي نه سگهندو. فقير صاحب چيو ته هي ڏاڙهي جو انجام آهي ته اڄتي ائين نه ٿيندو. ٿورن ڏينهن بعد ساڳيءَ طرح هڪ ٻئي قيدي کي ڇڏائڻ لاءِ فقير صاحب کي الله جو نالو اچي ڪنهن وڌو ۽ ميرصاحب ڏي فقيرصاحب ويا. مير کين چيو ته اوهان ڏاڙهي جو انجام ڏلو هو پوءِ وري ڪيئن اهو سوال ڪٺي آيا آهيو؟ فقيرصاحب چيو ته الله جي نالي وجهڻ تي اسان ناراضي ڪٺي هڪ طرف الله جو نالو ۽ ٻي طرف پنهنجي ڏاڙهي وڌيسون ته الله جو نالو ڳورو ٿي پيو. وري پنهنجي مرشد جي، ٻيءَ جي ۽ ڏاڏي جي ڏاڙهي به وڌي سون ته به الله جي نالي وارو پاسو ڳورو ٿي پيو الهي ڪري اسان ٽارائي نه سگهيا سون. ميرصاحب کي رحم پيو ۽ فقير صاحب جو چيو نه موٽايائون. اهڙي طرح ڀڳت صاحب به فيصلن ڪرڻ پر ڏرين کي رجائي پاڻي ڪري ناهه آڻيندا هوا.

ڀڳت صاحب ڳائڻ ۽ غريبن جو خاص پوڄاري هو ۽ لکين روپيه انهن جي مدد ڪيائين. ڪيترين ڳٺو شالائون سندن مدد سان هلي رهيون هيون. اهڙو هو اسانجو ڀڳت صاحب جنهن کي ڪن خبيثن نه سٺو.

پگت صاحب کي جيڪا به ارداس طور رقم ملندي هئي سا روهڙي - حياتس پتافي - گهوٽڪي ۽ رهڙڪي جي ٽڪاڻن کي مدد طور ڏيندو هو. اهڙيطرح سيڌو سامان به گرنام يا ٻي طرح جيڪي ملندو هون سو به غريبن ۽ ٽڪاڻن ۾ ڏيندو هو. گر درٻار رهڙڪي لوڙي جروار ۾ مهمانوازي يا لولن لنگرن جي شيوا ۾ ايندڙ سمورو خرچ پنهنجي پورهيي مان ڪندا هوا. سڪر جي هڪ سيٺ جي ليکي واپار ڪندا هوا ۽ ليکيدارن ۽ واپاري ڪارخانن ۾ پنهنجي پٽ ۽ ٻين مائٽن کي روزگار ۾ لڳائي اُن آمدني مان سمورو خرچ ڪندا هوا. سندن ياءِ جو جروار ڳوٺ ۾ دوڪان اڃان تائين موجود آهي. وهنوار ۾ بلڪل سچائي ۽ ايمانداري کان ڪم وٺندا هوا. ڪن به فيصلن ڪرڻ ۾ ٺاهه ڪرڻ ۾ نه گسندا هوا. پنچائتي ٺاهه ڪرڻ ۾ سيني کي هٿ جوڙي ارداس ڪندا هوا ته ڪا به ڏر ڏوهي ڪا نه آهي ٻر ڏوهي مان آهيان ۽ مان هٿ جوڙي سڀني کان معافي وٺان ٿو.

هڪ مثال هڪ دفع ڏاڏون نه مير علمراد ٽالپر هڪ مسلمان کي ڪنهن ڏوهه ۾ قيد ۾ وڌو. قيدي جي ماءُ فقيرن کي عرض ڪيو ته منهنجو ڪما ئيندڙ اهو هڪ پٽ آهي. اهو جيل ۾ هوندو ته اسانجا ٻارڙا نهايت دربدر ٿيندا. الله جي نالي منهنجي پٽ

ڀڳت ڪنور رام صاحب جي چرڻن ۾ شرڌا جا ڦول

ڌني ڪنور رام ڪنور- ڪنور پيارا-
هر دل عزيز سدا جا درويش دلارا

(١) توهنجي رهاڻ راڳ تي مستان سدا هئي-
ڏيئي مدائي اوهجي غمگين سا ڪئي
جيئن [illegible] وهي رت ٻيا لڳا جا ليسارا

(٢) [illegible] ڪهر ۾ روح [illegible] ماتم مچي ويو-
ڪنهن جي دل ۾ درد جو دوفان اچي ويو
ڪم سوز سازي جيرا جگر ڪرڻا ڪارا

(٣) جنهن جنهن [illegible] لنگر ۾ تو [illegible] سولي وجائي-
[illegible] پنهي پار سندي سرت پلائي
رڳ رڳ ۾ وهائي چڙهي [illegible] نام جي ڌارا

(٤) سوالي [illegible] توهنجي در تان ڪو نه ڪڍيو ويو-
ڪنهن ذات پات تي اپڪار تو ڪيو
[illegible] لنبم جي تو [illegible] لئا پنهار

(٥) تو قرب مان قدمن تي [illegible] قول چڙهايان
[illegible] جي دران [illegible] چاهم مان چاهيان
امر رکجي ڪيرتي جئن سج چند تارا.

[illegible] ڪنور رام جي ماتم مچايو- آرام ڦٽايو
[illegible] جا هند ۾ جولان [illegible] آرام ڦٽايو
[illegible] جنهن [illegible] سنگت جو خون وهايو-
[illegible] لڪايو
[illegible] تي سندو واسيو ڪنڪار وسايو-
آرام ڦٽايو

۲- جنهن رڪ جي جنگشن کي قتل گاهہ بڻايو.
۽ پاڻ ڇپايو.
تنهن جي بہ ڳجهارت تي ذرا ڌيان لڳايو!!
آرام ڦٽايو.

۳- ڇا دانهن ڪندي درد جي هن ڏاڍ جي گهر ۾!
بيداد نگر ۾!!
جت ڪاتڻ ڪمدار، گهڻو شينهن بڻايو.
آرام ڦٽايو.

۴- هن سنت جو هو وير ۽ ونجهوڳ نہ ڪن سان
همت جوڙ مڙن سان.
هو رام ۽ رحمان ٻنهين جو هي اُپايو.
ڇا وڱل وڃايو.

۵- ڀڳتين ۾ پيري جهول غريبن کي ڏنائين.
ذاتيون نہ ڏنائين.
هندو ۽ مسلمان جو هـن ڀيد ڀلايـو.
آرام ڦٽايو.

هن ڪتاب خواهہ فوٽن ملڻ جو هنڌ:-

"هندو" آفيس،
ڪيمبال روڊ ڪراچي
يا "هندو" جي ايجنٽن وٽان سيني وڏن شهرن ۾.
فوٽي جي قيمت ٽڪو ۱۰۰ لاء ۰-۴-۲

PRINTED AND PUBLISHED BY PARAMOUNT PRINTING PRESS, HYDERABAD.
AT PARAMOUNT PRINTING PRESS, KARACHI.